SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1990
SINDH ACT NO.VII OF 1990
سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (پي ترميم) ايڪٽ، 1990
THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ACT, 1990
فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979
3. 1990 جي سنڌ آرڊيننس V جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance V of 1990

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه
1990
SINDH ACT NO.VII OF 1990

سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (پي ترميم) ايڪٽ، 1990

THE SINDH BUILDINGS CONTROL (SECOND AMENDMENT) ACT, 1990

[23 ڊسمبر 1990]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (پي ترميم) ايڪٽ، 1990 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ 27 آگسٽ 1990 کان لاڳو ٿيندو.

1979 سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعه 6 ۾، ذيلي دفعه (4) کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات ۽ وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"(5) ڪنهن به وقت ذيلي دفعه (1) تحت اعتراض نه ڪرڻ واري سرٽيفڪيٽ وٺڻ کانپوءِ پر عمارت جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن حڪومت مطمئن آهي ته ڪنهن به ايراضيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي عمارت جي تعمير عوامي مفاد ۾ نه آهي ۽ هن آرڊيننس، قاعدن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن جي ڪجهه تضاد ۾ آهي ته بنا نوٽيس جي سرٽيفڪيٽ معطل يا رد ڪري سگهي ٿي.

وضاحت: هن ذيلي دفعه ۾استعمال ٿيل اظهار "عمارت

جي تکميل" مطلب عمارت جي تکميل هر صورت ۾ منظور ٿيل منصوبي موجب آهي ۽ جنهن سلسلي ۾ والار (Occupancy) سرٽيفڪيٽ جاري ٿي چڪو آهي.

(6) جتي ذيلي دفعه (5) تحت ڪو حڪم جاري ڪيو ويو آهي، ته اٿارٽي طرفان معاملو حڪومت طرفان ڏنل هدايت موجب حل ڪيو ويندو.

3. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1990 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1990 جي سنڌ آرڊيننس V جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance V of 1990

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي